**ڪاگ ماجهي:** (بنگالي) ڪانول
**ڪاڪنج:** (معرب) پنير ڦوٽا
**ڪاڪوش:** (ف) بنوشو (بنفشه)
**ڪاڪول:** (س) شقاقل
**ڪالابچوا:** (رهہ) پچر پٿون
**ڪالادانہ:** (هہ) ايوٽي جو ٻج
**ڪام ڪستوري:** (ڪنڙي) تلسي
**ڪاموني:** (هہ) ڪانول
**ڪانچڪوڙي:** (س) ڪونچ
**ڪانڊاري:** (س) گانجو
**ڪاراچي:** (س) موتيو
**ڪاوران:** (ف) گاؤ زبان
**ڪاهو:** (ف) ڪاهو
**ڪائنل:** (هہ) ڪانڦل
**ڪباب:** (ع) ڪباب
**ڪباب چيني:** ڪباب چيني
**ڪابہ:** (ع) ڪبابو
**ڪبات:** (ع) پيرون
**ڪبار:** (ع) ڪلوڙي
**ڪبت:** (ف) ماڪيءَ جي مَک
**ڪتبر:** (هہ) ڪبوتر

**ڪپڙا پترا:** (س) پت پاپڙا
**ڪبريت:** (ع) گنڌڪ
**ڪبڪ:** (ف) چڪور
**ڪبيديا:** سيرو- حلور
**ڪهتوڪ:** (س) واهو
**ڪهور ڪچري:** ڪپور ڪچري
**ڪبوڪ:** (ف) چيهو پکي
**ڪبي:** (هہ) لنگور
**ڪت پدر:** (س) ادرڪ
**ڪت ٿل:** (س) ڪائڦل
**ڪتريڪم:** (س) سونچر لوڻ
**ڪتولڪا:** (س) تر (اَن)
**ڪتوٿل:** (س) ٻير جا پلڙا
**ڪٿ:** (هہ) ڪٿو، هڪڙي ڪاٺي (ڪاٺ) جو ست ٿيندو آهي.
**ڪچومن:** (شيرازي) پنير ڦوٽا
**ڪچي:** (ت) ٻڪري
**ڪحل خولات:** (ع) رسول
**ڪحل السودان:** (ع) چوڙ
**ڪحل فارسي:** (ع) ڳوڙ
**ڪحيلا:** (ع) رتن جوت (رتانڄ)
**ڪرپور سلاڏات:** (س) سلاجيت
**ڪرخوش:** (رو) هڙتال
**ڪرشن ٿل:** (س) بابچي
**ڪرشن تلسي:** (س) ڪاري تلسي
**ڪرشن جيره:** (س) ڪاراجيري
**ڪرشن مدگا:** (س) مانهن (ان)
**ڪرع:** (ف) اشق جو ٻوٽو

**ککويا:** (س) لال تاک
**کلاچک:** (ف) کوڏيون
**کلاش:** (ف) کوريٽڙو
**کلاش خانہ:** (ف) کورنيئڙي جو چار
**کلاغ:** (ف) ڪانءُ
**کلاه زميں:** (ف) کنبي
**کلب الکلب:** (ع) چِتو ڪُتو
**کلٿي:** (هہ) کلهٽي
**کلس:** (ع) چن- چونو- سيڙهي
**کلغہ:** (هہ) ککڙ موڙ
**کلليس:** (ف) کٽيي
**کللوس:** (ي) ٽامون
**کلما:** (زند) انگور
**کلموخ:** (اندلسي) ڦاڙهہ
**کلنا:** (ف) زنگي گل جو ٻوٽو
**کلونجي:** (هہ) کلونجي
**کلوندا:** (س) کنوار ٻوٽي
**کلهار:** (س) سولڙي
**کلي:** (هہ) مکڙي
**کليجن:** (هہ) پان پاڙ
**کليرا:** (ف) ڏينيو
**کليردان:** (ف) ڏينين جي ککر
**کليکرون:** آهريو
**کليہ:** (ع) بُکي (گردو)
**کما:** جاوتري
**کمارو:** (هہ) مهماء
**کماريکا:** (س) کنوار ٻوٽي
**کمياس** (س) کنياري ٻوٽي
**کمربندي:** پرجهل
**کمون:** (ع) اڇو جيرو
**کموني:** (ع) مشهور مرکب (جوارش ڪموني)
**کميلہ:** (هہ) کنبيلو
**کمنار:** (زند) مڇي
**کناني:** (س) سينڌي
**کنب:** (ف) سٽي
**کنجاره:** (ف) کڙ (ٻورن جي)
**کنجائي:** گانجو
**کنجد:** (ف) تر
**کندا پندي:** (هہ) پٽر ڦوڙ
**کندر:** (ف) صحت کندرو
**کندر رومي:** (ف) مصطکي
**کندل سفري:** (هہ) اناس
**کنگهي:** (هہ) گدڙ واڙ (ٻوٽي)
**کنول گٹہ:** (هہ) پٻڻ جا ٻج
**کنہ:** (ف) چچڙ
**کنير:** (هہ) زنگي گل اڇو ڳاڙهو ٻن قسمن جو ٿئي ٿو.
**کوچک:** (لاطيني) ريڙ
**کوشگند:** (س) کتور ٻلي جي مستي
**کولسہ:** (س) تالمکانو
**کيري:** (هہ) انبڙي

**گلاب ڦل:** (هہ) گلاب جمون
**گلافر:** لونگ
**گلال:** گلال، گلابي رنگ جيڪو هولي جي موقعي تي لڳايو وڃي ٿو.
**گلقند:** (ف) گلقند
**گل گونہ:** (ف) گلال
**گل مک:** (هہ) ڳاڙهو رنگي گل
**گلهار:** (هہ) ڪنول
**گنده بهروزه:** (س) پير چو
**گندهڪ:** (هہ) گنڌڪ
**گندهہ مولي:** (س) ڪچور
**گندمها:** (س) ٽوم
**هيل:** (هہ) ڪٽڻ
**گوار:** (هہ) گوار، مشهور
**گوبر:** (اردو) ڇيڻو
**گوبي:** (هہ) گوبي
**گودنتي:** (هہ) اڇو هڙتال
**گورس:** (س) ڏڌ- جَهڻ
**گورک املي:** (هہ) دنگيءِ درخت
**گوري:** (س) هيڊ
**گورير:** (هہ) ٻوڙي جهرڪي
**گوزر:** (ف) سگريون ڪنديءَ جون
**گوش خارک:** (ف) ڪن ڪوٺي
**گوش ماهي:** (ف) سپ سچي
**گوکرو:** (هہ) ٻرٽ
**گوگرد:** (ف) گنڌڪ
**گوندا:** (هہ) گوندي- ليار
**گهر پولي:** (هہ) ڏاتورو
**گهمرا:** (هہ) ٻنڪرو
**گهير يار:** (س) تيج ڪائي
**گهنڊي:** (هہ) منڊي ٻوٽي ٺوڙهي
**گهنسٽڪ:** ڳاڙهي لوڻ
**گهي:** (هہ) گيهہ
**گهيا:** (هہ) ڍگهر ڪدو
**گهيڪوار:** (هہ) ڪنوار ٻوٽي
**گيرو:** ڳيرڙي
**گيمبر:** (انگريزي) مٽي ڪٽ
**گيهون:** (اردو) ڪڻڪ

# ل

**لابره:** (لاطيني) سيهڙ
**لاجورد:** (ف) لاجورد (مشهور پٿر)
**لاچيا:** (س) لاک
**لاسورس:** (ي) ماهو داڻو
**لاهر:** (ف) اپرو- ڏبرو
**لال بيگ:** (هہ) ڪساري ڪاڪروچ
**لبن:** (ع) کير
**لبن الاتان:** (ع) گڏهہ جو کير
**لبن الاسد:** (ع) شينهن جو کير
**لبن البقر:** (ع) ڳانو کير
**لبن الجاموس:** (ع) ماهيو کير

**لبن الحامض:** (ع) ڏهي- مَهي
**لبن الخشخاش:** (ع) آفيم
**لبن الخفاش:** (ع) چمڙي جو کير
**لبن الرماک:** (ع) گهوڙي جو کير
**لبن الضان:** (ع) رڍ جو کير
**لبن الغزال:** هرڻي جو کير
**لبن اللقاح:** (ع) ڏاچي جو کير
**لبن المعز:** (ع) ٻاڪرو کير
**لبن النساء:** (ع) ٿڃ
**لتا ڪستوري:** (هہ) مشڪداڻا
**لتامرت:** مڙدا سنگ
**لچمي قل:** (س) ڪلوڙي
**لحاف:** (ف) سوڙ
**لحام الذهب:** (ع) سهاڳو
**لدو:** (هہ) لَڏون
**لعل مصري:** (ف) ڏوپ
**لعاب:** ڪڳَ
**لوڪاٺ:** (اردو) لوڪاٽ، ميوو
**لوبان:** (هہ) لوبان
**لوبيا:** (هہ) رَهان
**لوڌ:** (هہ) لوڌ
**لوز:** (ع) بادام
**لوزحلو:** (ع) مٺا بادام
**لوزمر:** (ع) ڪڙا بادام
**لهسن:** (هہ) ٿوم
**ليچي:** ليچي (ميوو)
**ليط:** ڇيت
**ليفنس:** (ي) سنيالو
**ليلا ٻوٽي:** (هہ) هرڻ ڪري
**لينوس:** نرگس گل.

# م

**ماء:** (ع) پاڻي
**ماء البحر:** (ع) سمنڊ جو پاڻي
**ماء الجبن :** (ع) ماء الجبن (مشهور)
**ماء الخلاف:** (ع) عرق بيد مشڪ
**ماء الورد:** (ع) عرق گلاب
**ماء الهندبا:** (ع) عرق ڪاسني
**ماراس:** (ي) سونف
**ماش:** (ع) منگ
**ماش:** (هہ) مانهن (اڻ)
**مالتي قل:** (س) جائفل
**مجيٺ:** (هہ) مَجيٺ
**محجر:** (ع) سنگي
**محمروه:** (ع) محمودو
**مخلصہ:** (ع) لسهہ، هن جي استعمال سان نانگ جي زهر بي اثر ٿي پوندي آهي ان ڪري هن کي عربي ۾ مخلصہ چوتڪارو ڏياريندڙ چيو وڃي ٿو.
**مدن:** (هہ) ميڻ

**مندروده:** (س) سلاجيت
**مندلي:** عود
**مندن:** (س) سندر
**مندي:** (هہ) مُندي ٻوٽي (مشهور)
**مَن ڪِت:** (س) منڇر
**منلوسيون:** (ي) اڪوهي
**منگا:** (س) ميڻ ڦل
**منگريلا:** (بهاري) ڪلونجي
**مولهہ:** (س) موٺ (ان)
**موتي:** (هہ) ماڻڪ
**موتيا:** (هہ) رابيل
**مور:** (هہ) مور پکي
**مورد:** (ف) موڙهيو
**مورد دانہ:** (ف) موڙهئي جو ٻج
**مورستي:** (ي) لنو- لئي
**موز:** (ع) ڪيلو
**موساڪني:** (هہ) ڪراڪني
**موشڪا:** (س) ڊانگري
**موقد النار:** (ع) گنڌڪ
**موڪرطيس:** (ي) ڪنيي
**مولسري:** (هہ) سدا سرهي
**مول سمدرا:** (س) وڻ ويڙهي
**مولي:** (اردو) موري
**موم:** (اردو) ميڻ
**موميا:** (ف) مهماء
**مونج:** (هہ) مُڄ
**مونگا:** (هہ) مرجان
**مويز:** (ف) ڪشمش
**موه زهار:** هيٺيان وار
**مها اوشد:** (س) سنڌ
**مهاپشپ:** (س) روح رهاڻ
**مهاڦل:** (س) چمون (ميوو)
**مهره سفيد:** (ف) ڪوڏ
**ميلغ:** (ف) چَٽ
**ميل:** (ف) سرائي
**ميڻ ڦل:** (هہ) ميڻ ڦل

# ن

**ناپي:** (س) ٻجنانگ
**ناپيجا:** (س) ڪٿوري
**ناخن پريان:** (ف) ننهن پرين جا
**ناخن ديو:** (ف) ننهن ديو جا
**ناخن خرس:** (ف) نک
**نادينمر:** (س) سنيڌو لوڻ
**نارجيل:** (معرب) ناريل
**نارجيل دريائي:** (ع) درياهي ناريل
**ناردس:** (لاطيني) مر سرهي
**ناردين بري:** مَڇٽ
**نار قيصر:** (ع) ناگيسر
**نار مشڪ:** (ف) ڏنار ڪٿوري
**نارنج:** (معرب) نارنگ
**نارنگي:** (هہ) سنگتري
**ناريل:** (هہ) ڏرنگهي
**نازبو:** (ف) نازبوء

**نارجو:** (ف) ونگو
**ناشف:** (ع) ڳٽيتن جي پاڙ
**نافجہ:** (ع) نافو، مشڪ جو
**نافذ:** (اڪسير) پارو
**نافق:** جاوتري
**ناقہ:** (ع) ڏاچي
**ناگارجني:** (س) کيرل ٻوٽي جو قسم
**ناگ پتر:** (س) تيج ڪاني
**ناگ ڦني:** (هہ) ٿوهر جو قسم
**ناگجہ:** (س) سندر
**ناگرڪ:** (س) گجر پٽائي
**ناگرم:** (س) سنڊ
**ناگرموت:** (هہ) مارموت
**ناگلي:** (س) نانگلي (ڦاڙهہ جو قسم)
**ناگ ماتا:** (س) تلسي
**ناگ ماتاري:** منجر
**ناگن:** (هہ) نانگڻ، مدراس جي باغن ۾ پيدا ٿيندڙ ٻوٽي جيڪا نانگ جي زهر دفع ڪندڙ آهي.
**نان:** (ف) نان- ماني
**نان تبرير:** (ف) ست ڀڙو
**نان خشڪار:** (ف) اڻ ڇٽيل اٽي جي ماني
**نان سميد:** (ف) ميدي جا مانجي
**نان طابق:** (ف)چپاتي- ڍڳڙي

**نات طابون:** (ف) اوڦراتو
**نان برنج:** (ف) چلڙو، جانورن جو
**نان جو:** (ف) جون جي اٽي جي ماني
**نان نخود:** (ف) ٻيسڻ جي ماني
**نان باقلا:** (ف) چونرن جي اٽي جي ماني
**نان ڪلاغ:** (ف) خبازي
**نان خواهہ:** (ي) جاڻ
**نبات الرعد:** (ع) ڪنيي
**نبات الملائڪ:** (ع) ڦاڙهہ
**نبق:** (ع) ٻير
**نبيذ:** (ع) پياڪ، شراب کان علاوه نشيدار پياڪ: (پاٿي)
**نبيذ الربيب:** (ع) انگور جو پياڪ
**نبيذ العسل:** (ع) ماکي جو پياڪ
**نبيذ الفواڪه:** (ع) ميون جو پياڪ
**نبيذ التمر:** (ع) کارڪن جو پياڪ
**نبيذ التين:** (ع) انجير جو پياڪ
**نبيذ النارجيل:** (ع) ناريل جو پياڪ
**نبيذ داري:** (ع) تاڙي (پياڪ)
**نبيذالحنطہ والشعير:** (ع) ڪڻڪ ۽ جَوَن جو پياڪ
نتر بالا- نيتربالا: (هہ) مشهور گاهہ ناياب شيءِ آهي ان ڪري پساري

نيلوفر جون
سڪل ڳنيون
ڏينڌا آهن.

**نجره:** (ع) گهه گاڏڙ ڪير
**نهجر:** (س) چوڪو
**نحاس:** (ع) ٽامو
**نحل:** (ع) ماکيءَ جي مَکِ
**نخاع:** (ع) ميڄالو
**نخابه:** (ع) بوسي
**نخج:** (ف) سَرُ
**نخچل:** (ف) ڇُهندي
**نخل:** (ع) ڪجيءَ جو وڻ
**نخود:** (ف) چڻا- ڪوهر- ڀڳڙا
**نخود سفيد:** (ف) اڇا چڻا
**نخود سياه:** (ف) ڪارا چڻا
**نرسڪ:** (ف) مهري (آن)
**نرڪچو:** (هه) ڪچور جو قسم
**نرگس:** (ف) نرگس گل
**نسارو:** (س) ڪيلي جا پن
**نسرين:** (ع) ڪتڻ هار
**نسم پشپ:** (س) ڦٽڪي
**نسوغ:** (ع) ڊپ اکين جو
**نشا:** (ع) هيڊ
**نشابدا:** (س) نرگندو هيڊ جو
**نشاره:** (ع) ٻورو
**نشاسته:** (ف) ميدو
**نشاط افزا:** (ف) ينگ، ينگ
پهريان تہ برابر
نشاط افزا آهي پر
پڇاڙيءَ نشان فنا
ڪندڙ ثابت ٿئي
ٿي.

**نضوح:** (ع) خالص ماکي
**نعام:** (ع) شتر مرغ (اٺ پکي)
**نعجه:** (ع) گهٽو
**نعشل:** (ع) نرگوهه
**نعناع:** (ع) ڦودنو
**نغرڪ:** (ف) انب
**نغن:** (بلوچي) ماني، ڪاڏو
**نقره:** (ع) چاندي
**نقل خواجه:** (ف) چرونجي
**نگار چوني:** (س) ڪيرل ٻوٽي
**نڪامتا:** (س) شا لپرٽي
**نڪتمال:** (س) ڪونج، وڏا چونرا
**نگبڪ:** (س) نغزڪ: (ع) انب
**نڪچڪني:** (م) نڪڇڪڻي
**نڪرا هيدمر:** (س) تماڪ
**نگر نتو:** (س) جَهڻ، لسي
**نگروڌا:** (س) ٻڙ جو وڻ
**نگروڌامر:** (س) ڪواڪني
**نگند:** نگند، رت صاف ڪرڻ جي
دوا- نگندبابري جو هڪ قسم
**نلا امنتا:** (س) ڪارو ڌاتورو
**نلالهسل:** (س) مانهن (ان)

**واهستڪ:** (س) هيرڻ
**واڇپو:** (س) چور
**وبا:** (اردو) مهامري
**وابر:** (ع) اڻ جي ٻج
**وبرالارض:** (ع) ڪنيي
**وبرجاپي:** (س) پارو
**وبيتڪ:** (س) ٻهيڙا
**وچا:** (س) پاوڙي
**وجر:** (س) هيرو
**وجراچي:** (س) هيرو
**وچڪلا:** (س) موتيو
**وجرڪا:** (س) ننڍي جا ڏوڏا
**وچاجيوني:** (س) مسي
**وچاوني:** (س) گلور- گلو
**وجيا:** (س) هريڙ
**وخيف:** خطمي جو لعاب (لِوَ)
**وِدال:** (س) ڪچنار
**وورا:** (س) توري
**وورم:** (س) ٻڙ جا گرگٽا
**ودع:** (ع) ڪوڏي
**ودلا:** (س) لني جو ڇو
**وودرڪا:** (س) روح رهاڻ جو اڇو گل
**وذال:** مکڻي
**وذره:** گوشت جو ٽڪر، ٻوٽ
**وراتڪ:** (س) ڪچ ڪوڏي
**ورڇتان:** (س) پيلاوان
**ورتلمبا:** (س) منڊي ٻوٽي
**ورتيڪا:** (س) کيرل ٻوٽي جا پن
**ورجاجي:** (س) چنبيلي
**ورچامل:** (س) گدامڙي
**ورچهر سيا:** (س) انجير جو وڻ
**ورد:** (ع) گلاب جو گل- جرقل
**وردالتفاح:** (ع) صوف جو گل
**وردالحمير:** (ع) خطمي جو گل
**وردالخلاف:** (ع) بيدمشڪ جو گل
**ورد ذفرا:** (ع) گل لالا
**وردالسفرجل:** (ع) ناسپاتي جو گل
**ورد مضاعف:** (ع) گينڊي جو گل
**ورڏيڪا:** (س) ننڍيا ڦوٽا
**ورش پشپي:** (س) ڪيوڙو
**ورشڪيت:** (س) واهو
**ورشيدبوي:** (س) آورا
**ورقا:** (ع) ڳاڙهسرو ڪبوتر
**ورق الخيال:** (ع) ڀنگ
**ورق الغراب:** (ع) چنار جا پن
**ورقان:** ميندي
**ورق النبق:** (ع) ٻير جا پن
**ورق نوشيدني:** (اصطلاح) تماڪ جا پن
**ورق النيل:** (ع) وسمو
**ورڪ:** (قزوين) ڪنڊيءَ جو وڻ
**ورگما:** (س) ٻڙ جو وڻ
**ورڪي:** (س) ليار يا ليسوڙي
**ورنالڪ:** (س) جاتگرا ٻير

**يبار:** (ت) مشڪ
**ينتالڪي:** (هہ) گاؤزبان
**يخ:** (ف) پارو
**يرتامرا:** (س) ڳاڙهو ڪنول
**يراڄنا:** (س) ڳاڙهيون ساريون
**يشب:** (معرب) يشب
**يڪناس:** (سر) بنوشو
**يل:** جهل پوٽو
**يلفو:** (ت) لنو
**يلڪانڪرا:** (س) مالڪنڳڻي
**يلما سنڌي:** (س) ڪڪڙ موڙ
**يمار:** (ع) جهنگلي ڪبوتر
**يمام:** (ع) ڏاريل ڪبوتر
**يواسنگ:** (س) سڪل ڪانڌيرو
**يوپسر:** (س) جوڪار
**يوديمڪا:** (س) چرائتو
**ييرڪوڪي:** (س) گجر

# فرهنگ همايوني
# ڀاڱو ٻيون
# ٻيمارين جا نالا

# الف

**آماس:** سوڄ- ڳاموس
**آبنه:** علت مفعولي
**احتباس:** بندش
**احتباس بول:** پيشاب جو بند ٿيڻ
**احتباس طمث:** حيض جي بندش
**احتراق:** جرڻ- پچرڻ
**احتقان:** حقنو ڪرڻ
**احتڪاڪ:** کَهِڻ- ڪاڄ
**احتلام:** ننډ ۾ جماع ڪرڻ
**اختلاج:** ڌڙڪو- ڦڙڪو
**اختلاج شفت:** چپن جو ڦرڪڻ
**اختلاج عين:** اکين جو ڦرڪڻ
**اختلاج قلب:** دل هول، هيانوَ جو ڌڙڪو
**اختناق الرحم:** بادگولو
**اختيار:** وَس
**اختلاف:** رِٽي

تلع: بک لڳڻ
تليع الدم: رت ۾ پوڻ، گاڏڙ ٿيڻ
تکرج: سينوارجي وڃڻ
تکميد: ٽکور ڪرڻ
تلعب: وات مان گگ ڳڙڻ
تمدد: عضون جي پٺن جو ڇڪجي وڃڻ
تمريض: تيمارداري- چيٽ
توامان: جاڙا ٻار
تهيف: جهولي جو سٽيل

# ث

ثاب: آرس پچڻ
ثاليل: موڪا
ثاع: سُستي- ڍلائي
ثاي: ڦٽجڻ
ثدي: ٿڻ- ٻُبا
ثرد: ڇپڻ جو ڦُٽي پوڻ
ثتل سمع: ٻوڙاڻ
ثوهد: ساماٺندڙ

# ج

جابه: ڪُک
جاثوم: ڪابوس
جدري: ماتا- سيتلا
جدري ڪاذب: لاڪڙو
جذام: ڪوڙهه جو مرض
جراثيم: جراثيم
جراح: جراح
جرب: آلي ڪاج (خارش)
جرسام: برسام
جرض: نيراني ٿُک
جرعه: ڍڪ- چُسڪي
جلاب: جلاب
جلد: کل- چَمر
جلق: هٿ ڪس
جمود: ڳهر
جنون: چرياڻي- چِتُ ڪتائي.
جوارش: مشهور مرڪب
جيفه: مُردار

# چ

چاق: صحتمند- سکهو
چرڪ: پونءِ- مير
چرڪ گوش: ڪن جو مير
چشم فرنگي: عينڪ
چشم گشته: ٽيڏو
چيچڪ: وڏي ماتي (ماتا)

# ح

حابس: بند ڪندڙ
حار: گرمي پيدا ڪندڙ دوا
حامله: ڳورهاري زال
حائضه: حيض واري عورت
حب القرع: سيڪيون پيٽ جون
حبل: حمل (پيٽ سان ٿيڻ)
حبل الوريد: شهرڳ
حجاف: بدهاضمي جا دست (ڪچ ريهڪ)
حجرالمثانه: مثاني جي پٿري
حدب: ڪُٻڙو ماڻهو
حدقه: اک جي ماڻڪي
حذل: اک جي سوج ۽ ڳاڙهاڻ
حرارت: گرمي- تپش
حرقت: سڙي پوڻ
حرقت البول: پيشاب جو ساڙو
حرقت معده: معدي جو ساڙو
حزاز: ڦڙو
حشرات: جيت جَنا
حُصبه: لاڪڙو
حصف: پت جا داڻا
حصر: پيٽ ٻرو- قولنج ريح وارو
حڪيم: ويج
حمل: اميدواري
حمي: تپ- بخار
حمي اجاميه: موسمي تپ سرءُ جو بخار
حمي دق: دق تپ
حمي ربع: چوٿين ڏينهن ايندڙ بخار (چوٿڙ)
حميٰ صالبه: گردن توڙ بخار
حمي عروض: عارضي بخار
حمي غب: ٽين ڏينهن ايندڙ بخار (ٽيٽڙ)
حمي قرمز: ڳاڙهو بخار
حمي ليليه: چور بخار
حمي محرقه: مدي جو تپ
حمي مواظبه: روزانو بخار
حمي نائبه: واري جو تپ
حمي نفاسيه: پرسوت جو بخار
حمي وبائيه: وبائي تپ
حواس: حواس
حيض: ماهواري

# خ

خار: بدن جي مَرُ
خال: تر
خانثه: پاسي جو سور
خور: سُن ٿيڻ

جي مُند
رتقاء: اها زال جنهن سان جماع نہ ڪري سگهجي.
رثيہ: سنڌن جو سور
رجرجہ: اُهمائي
رجا: ڪرڙو حمل
رخو: هارجي وڃڻ
رداع: ساري بدن جو سور
ردي الڪيموس: ردي رت پيدا ڪندڙ ڪاڏو
رضيع: ٿڃ ڌائڪ ٻار
رطوبت: رطوبت
رعاف: نڪهير
رعشہ: عضون جي ٿرڪڻي
رقاد: گهري ننڊ
رقيہ: تعويذ- منتر- ٽوٽو- ڦيٽو
رمد: اکين جو اٿڻ
رويا: خواب- سپنو
ريح: رائي- گيسُ

## ز

زحير: پيچش
زحير بلغمي: بلغمي پيچش
زراقہ: پچڪاري
زرف: ڦٽ جو چِڪڻ
زڪام: ليس
زلق المعاء: آندن جا دست جن جي ڪري کاڌو آندن ۾ رهڻ بدران سڌو (ڪجهي حالت ۾) دستن ذريعي خارج ٿيندو رهي ٿو.
زمن: پراڻو بيمار
زنجاري: اهو پيشاب جنهن جو رنگ بدلجي ساواڻ تي پوي.
زنقہ: پراڻو پرميل
زهم: هٿن ۾ ڪچي گوشت يا چربي (وهہ) جي ڌپ.

## س

سابيا: اور جيڪا ٻار ڄمڻ سان گڏ پيٽ مان نڪري ٿي.
ساعي: وگهرندڙ ڦٽ
سامعہ: ٻڌڻ جي سگهہ
ساهف: سڪرات جي اُڃ
سبات: ٿوما گهري ننڊ جنهن مان مريض کي اٿارڻ ڏکيو ٿئي ٿو.
يلان: عورت جي شرمگاهہ
سجومر: اکين مان پاڻيءَ جو وهڻ
سهج: آنڊن جي خارش
سهوج: رَهڙو- مَهٽو

۾ مک هوندي آهي.
**سواعل:** (ع) بدن جون رطوبتون
**سوام:** (ع) زهريلا جانور
**سوقويس:** (ي) ککرا (اکين جا) سيتانگ (سن) هٿن پيرن کي پکهر اچڻ.
**سيلان:** (ع) رهکرو
**سيلان الاذن:** (ع) کن جو وهڻ
**سيلان الرحم:** (ع) ليکوريا
**سيلان منوي:** (ع) جريان
**سيلان نفاسي:** ٻار ڄمڻ کان پوءِ ٻچي داني (ڳيرڻ) مان خاص رطوبت جاري ٿيڻ.

# ش

**شاب:** (ع) ڳڀرو جوان
**شارت:** (ع) سونهن سوڀيا
**شاف:** (ع) پيرن جو اهڙو ڦٽ جو داڳ ڏيڻ کان سواءِ ڇٽي نہ سگهي.
**شاکر:** (ع) کنڌي جو ڇيڄڻ
**شبار:** (ع) نائي جيکا دوا مان لُواڙي ڦٽ اندر رکي وجي.
**شبمان:** (ع) پيٽ ڀؤ- رڄ
**شبق:** (ع) شهوت جو غلبو
**شبکره:** (ف) شبکور
**شبکوري:** (ف) رات جو نہ ڏسڻ
**شبيار:** اجيري- هک جلاب جيکو رات جي وقت ڏيڻ ۾ اچي ٿو.
**شتره:** اک جي بيماري
**شحيمہ:** اک جي بيماري
**شخوص:** اک جو ڦٽرائجڻ
**شدخ:** مٿي ۾ ڌک لڳڻ
**شذا:** ڪتي جي مک
**شرب الدخان:** حقو ڇڪڻ
**شرخ:** بدن جي کل جو ڦاٽ کائڻ
**شردقر:** ساھہ منجهڻ کري کنگهہ جو زور ڏيڻ
**شعري:** ڇاپاکو، مشهور مرض جنهن ۾ اچانک سڄي بدن ۾ کاڄ مچندي آهي ۽ ننڍيا وڏا ريڙ نکري پوندا آهن. جن ۾ خارش ٿيڻ لڳي ٿي ۽ مريض بيقرار ٿي وڃي ٿو.
**شريان:** رڳون- نسون
**شطرالغب:** بلغمي صفراوي،

گڏيل بخار، هڪ ڏينهن بلغمي تہ بي ڏينهن صفراوي بخار اچڻ لڳي ٿو.

**شعر:** وار

**شعر ابيض:** اڇا وار- پريا

**شعرالانف:** نڪ جا وار

**شعرالراس:** مٿي جا وار

**شعرزائد:** پنبڙين جي اندروني پاسي پيدا ٿيندڙ وار جيڪي اک ۾ چڀندي آزار مچائيندا آهن.

**شعريہ:** وارن جهڙيون سنهيون رڳون

**شعيره:** اک جي آنڙي هن لاءِ پراڻي اوڏڪي پٽ جو ڪونلو هٿ ڪري هر گهڙيءَ آنڙي تي رکبو آهي تہ انکي سڪائي ختم ڪري ڇڏيندو آهي.

**شفيف:** سردي گرمي جي تڪليف سچ چوندا آهن تہ انسان نہ سردي سهي نہ گرمي!

**شقاق الاطراف:** هٿن پيرن جو ڦٽي پوڻ

**شقاق الرحم:** ڳپيرڻ جو چيرجي پوڻ

**شقاق اللسان:** زبان جو چيرجڻ

**شقيقہ:** اڌ مٿي جو سور هن لاءِ اسطو خلوس، ڏاٿن ۽ ڪارن مرچن جي ڦڪي صبح جو نيراني سَحر باٺيءَ سان وٺڻ مجرب آهي.

**شلل:** عضوي جو سست شِل يا بيحس ٿي پوڻ. اڌرنگ

**شلل اهتزازي:** ٿرڪڻي (رعشہ) سان گڏ فالج (اڌ رنگ)

**شنج:** منهن يا هٿن تي گهنج پئجي وڃڻ.

**شوص:** ڏندن جو سور

**شهقہ:** اُڪ ڪنگهہ. ڪاري ڪنگهہ.

# ص

**صاءِ:** ويم وقت ڳپيرڻ مان نڪرندڙ پاڻي.

**صالب:** گرم تپ

**صبوت:** ننديڻ جون غلط ڪاريون

**صبوح:** نيرن- ناشتو

**صداع:** مٿي جو سور

**صداع احتراقي:** گرمي ڪان پيدا ٿيل مٿي جو سور

**صداع بحراني:** بحران طور پيدا ٿيل مٿي جو سور.

**صداعِ دموي:** دماغ ۾ رت جي گڏ ٿيڻ ڪري پيدا ٿيندڙ مٿي جو سور.

**صداع صفراوي:** صفراء جي زور ڪان پيدا ٿيل مٿي جو سور

**صدغ:** داگ ڏيڻ. ياد رهي ته آڳاٽي زماني کان ڪي بيماريون داگ وسيلي دفع ڪيون وينديون آهن.

**صرع:** مرگهي

**صرع الاطفال:** ٻاراڻي مرگهي

**صرع دماغي:** مرگهي دماغي

**صرع رِحمي:** باد گولي جي مرگهي.

**صريرالاسنان في النوم:** ننڊ ۾ ڏند ڪرٽڻ

**صعداء:** ٿڌا ساهہ ڀرڻ

**صغر:** ڪنهن عضوي جو سسي ننڍو ٿي وڃڻ

**صغرالخصيہ:** خصني جو ننڍو ٿيڻ

**صغرالكبد:** جگر جو ننڍو ٿي وڃڻ

**صمت:** سامت ۾ رهڻ. سانت ٿيڻ

**صيدلہ:** دوائن جو علم

**صيدنہ:** دواشناسي

# ض

**ضاحت:** اکين جي ديد

**ضباب:** ڪوهيڙو

**ضجر:** آنڊ مانڊ

**ضرب:** ڌڪ- مارڪٽ

**ضربان:** رڳ ڦڙڪڻ

**ضرس الاسنان:** ڏندن جو ڪنو ٿي پوڻ

**ضرو:** ڦٽ مان رت وهڻ

**ضِرو:** ڪوڙهہ جا داگ

**ضعف:** هيڻائي

**ضعف اسنان:** ڏندن جي ڪمزوري

**ضعف اعصاب:** پٺن جي ڪمزوري

**ضعف باهہ:** شهوت جي گهٽتائي

**ضعف بصر:** ديد جي گهٽتائي

**ضعف دماغ:** مغز جي ڪمزوري

**ضعف شهوت:** ٻڪ جي ڪمي

**ضعف ڪبد:** جگر جي ڪمزوري

**ضعف ڪليہ:** گردي جي ڪمزوري

**ضعف مثانہ:** مثاني جي ڪمزوري

**ضعف معدہ:** معدي جي ڪمزوري

**ضعف هضم:** هاضمي جي ڪمزوري

**ضعيف:** اهڙو- ڏٻرو ڪمزور

**ضغد:** گهٽو ڏيڻ. گهرگهو ڏيڻ

**ضماد:** ليپ

**ضني:** مرض جي شدت

**ضهياء**: اهڙي عورت جنهن کي حيض نہ اچي نہ وري ڳورهاري ٿئي.

# ط

**طابخ**: نهايت تيز بخار

**طابخہ**: منجهند جي سخت گرمي تاڪ منجهند.

**طاردالديدان**: پيٽ جا ڪيئان ڪيندڙ دوا

**طارد الرياح**: پيٽ مان ريح خارج ڪندڙ دوا

**طارسيس**: اک جي ارچڻ سوج-سور

**طاسر طاڙس**: چوٿين ڏينهن ايندڙ تپ

**طاعون**: طاعون. هڪ سوج آهي جيڪا ڇٽي جي دانءِ ڪان وٺي ڪڪڙ جي آني جيتري ٿئي ٿي. ان جي پيدائش وبائي طور زهريلي مادي جي ڪري بغل يا ڪن جي پويان ٿئي.

**طاعون بطني**: پيٽ جو طاعون

**طاعون رئوي**: نمونياني طاعون

**طاعون شديد**: سخت قسم جو طاعون

**طاعون غددي**: غدودي طاعون

**طاعون نزيفي**: خوني طاعون

**طامث**: حيض واري عورت

**طب**: طب. جسم جان جو علاج

**طب تجانسي**: اها طب جنهن جي طريقي جو اصول هن ربت آهي تہ جيڪا دوا صحت جي حالت ۾ زياده مقدار ڏيڻ سان جيڪي علامتون يا مرض پيدا ڪري ٿي سا اهڙين ئي علامتن ۽ مرض ۾ توري مقدار سان ڏيڻ ڪري فائديمند ٿئي ٿي. (هوميوپيٿي)

**طب تخالفي**: انهي طب يا طريقي علاج جو اصول هي آهي تہ گرميءَ جو علاج سردي يا سرد دوائن سان ۽ سرديءَ جو علاج گرمي يا گرم دوائن سان ٿيڻ کپي جنس ديسي ۽ ولايتي طب ايلوپيٿي آهي.

**طب تشابهي:** اهڙي طب جنهن جي ذريعي مرض جو علاج خود ان مرض جي مادي مان ڪيو وڃي ٿو جنهن مانا جو علاج ان جي سمي (زهريلي) مادي مان ٿئي ٿو ان کي ايسوپيٿي طب چئبو آهي.

**طب علمي:** طب نظري

**طب عملي:** طب جو عملي حصو

**طب منهاجي:** عطائي قسم جو علاج جنهن جو مدار صرف تجربي تي هوندو آهي ان لاءِ ڪوبه علمي معيار مقرر ناهي.

**طبايع اربع:** حرارت (گرمي) برودت (سردي) رطوبت (تري) يبوست (خشڪي)

**طبع:** انساني فطرت جنهن مطابق هو پيدا ٿيو هجي.

**طبعي:** ذاتي- پيدائشي

**طحال:** برهل- تري جي بيماري

**طشت:** زڪام جي حالت ۾ نڪ مان پاڻي وهڻ.

**طعام:** کاڌ خوراڪ

**طعم:** سواد

**طلاء:** ليپ

**طلاطل:** لاعلاج مرض

**طلق:** ويم جا سور

**طول البصر:** هڪ مرض جنهن ۾ ماڻهوءَ جي پري تائين ته چٽيءَ طرح ديد پوي ٿي پر ويجهڙ ۾ ڪيس اکين اڳيان ڌنڌ نظر اچي ٿو.

**طير طاؤس:** صفراوي بخار

**طيش:** ڪاوڙ- ڪروڌ

**طيف:** وهم- وسوسا

## ظ

**ظاهرالقدم:** پيرن جي پُٺي

**ظاهرالڪف:** هٿ جي پٺي

**ظلمت:** اونداهي

**ظير:** مردار

## ع

**عادت:** خصلت- بدني ۽ نفساني هيئت

**عارضہ:** بيماري- حادثو
**عافيت:** سک سانت
**عاقر:** سنڍ- مرد يا عورت.
**عاقول:** قابض دوا
**عالمِ صغير:** انسان جنھن جو ڪائنات ۾ اهم ڪردار آهي ۽ هن ڪيئي ايجادون ڪيون آهن ان ڪري ڪيس عالم صغير ڪوٺجي ٿو.
**عالم بالاعشاب:** جڙين ٻوٽين جو ماهر
**عالم بالامراض:** بيمارين جو ماهر
**عثر:** ٿاٻو کائڻ ٿاٻڙجڻ
**عدوه:** بيماري جو هڪ کان ٻي کي لڳڻ
**عذاف:** قاتل زهر
**عرق النساء:** ڪن رڳ جو سور
**عسرالبول:** پيشاب جي دقت
**عسر تنفس:** ساهہ جي گهٽ
**عسرالطمث:** حيض جي ڏکيائي
**عسر ولادت:** ويم جي ڏکيائي
**عسف:** پويان پساهہ
**عصابہ:** پرون جو سور
**علاج:** اُپاءُ
**علامت:** نشاني- سڃاڻپ جنھن جي ذريعي مرض جي تہ تائين رسائي ٿي سگهي.
**علت تام:** مڪمل سبب جنھن جي پروڙ کان پوءِ ٻي ڪنھن ڳالهہ جي ڪا ضرورت باقي نہ رهي.
**علم:** ڄاڻ
**علم الادويہ:** دوائن جي ڄاڻ
**علم اسباب الامراض:** بيمارين جي سببن جي ڄاڻ
**علم الاغذيہ:** غذائن جي ڄاڻ
**علم الشفا:** اهو علم جنھن جي وسيلي انسان جي صحت ۽ مرض جي ڄاڻ پوي.
**علم الصحت:** صحت کي بحال رکڻ جي ڄاڻ
**علم العلاج:** علاج جي ڄاڻ
**علم المادہ:** مادي بابت ڄاڻ جنھن مادي جي حقيقت ۽ ماهيت بابت بحث ڪرڻ ۾ اچي.
**علم المعدنيات:** معدنيات کاڻين مان پيدا ٿيندڙ شين

جهڙوڪ سون چاندي پاري، گنڌڪ وغيره جي ڄاڻ.

**علم النباتات:** وڻن ٻوٽن وغيره جي ڄاڻ جن جي نفعي نقصان جي خبر چار پئجي سگهي.

**علوص:** پيٽ جو سور

**عناصر:** پاڻي- مٽي، هوا ۽ باهه، جن کي چار عناصر ۽ ارڪان چيو وڃي ٿو.

**عنانت:** نامردي

**عيادت:** بيماري جو پڇڻ

**عياء البحر:** سامونڊي سفر جي بيماري جنهن ۾ الٽيون اچڻ لڳنديون آهن، خاص ڪري پهرين دفعي سفر ڪرڻ ۾.

## غ

**غاڌ:** ناسور- اک جي رڳ جنهن مان ڳوڙها پيا وهندا آهن.

**غاذير:** بدن جي پرورش ڪرڻ واري قوت.

**غاص:** نڙيءَ ۾ ڪنهن شيءِ جو ڦاسي پوڻ.

**غب:** ٽيٽڙ تپ

**غثيان:** دل ڪچي ٿيڻ. منهن اٿل

**غذا:** ڪاڌو خوراڪ اها شئي جيڪا بدن جو جزو ٿي سگهي يعني غذا اها آهي جا بدن اندر پنهنجي مادي وسيلي اثر ڪري ۽ بدن ۾ خون بڻجي ڪم اچي. ان جي پيٽ ۾ دوا اُها شيءِ آهي جيڪا مادي بدران ڪيفيت يعني گرمي، سردي ڪان بدن ۾ اثر اندازٿئي.

**غذا ذوالخاصير:** اها شيءِ جا بدن ۾ مادي ۽ صورت سان اثر ڪري جهڙوڪ صرف جيڪو پنهنجي مادي سان بدن جي پرورش ڪري ٿو ۽ صورت سان طبيعت کي فرحت رسائي ٿو.

**غضاب:** اک ۾ ڪک، ڪتر پئجي وڃڻ

**غير طبعي:** طبعي جو ضد غيرطبعي

# ف

**فاس:** سير (فصد) کولڻ جي نشتر.
**فالج:** اڌ رنگ. هڪ مرض آهي جنهن ۾ بدن جو اڌ حصو ديگهه ۾ (سواءِ مٿي جي) ناقص ٿيندي حس وحرڪت (چرپر) کان محروم ٿي وڃي ٿو.
**فالڪ:** جوان عورت جنهن جون ڇاتيون ايري گول ٿي وڃن.
**فتق:** هرنيا. نرولهي پوڻ هن جا ڪيئي قسم ٿين ٿا.
**فرج:** عورت جي شرمگاهه
**فرزج:** دوا جي وٽ يا نائي جيڪا عورت پنهنجي فرج ۾ رکي
**فرصہ:** اهو ڪپڙو جو عورت حيض جي دوران ڪتب آڻي
**فرفورا:** لاطيني لغت ۾ پيورا تان معرب. هڪ خوني بيماري آهي جنهن کان رت ۽ رت جي رڳن ۾ فتور پوڻ ڪري ڪل جي هيٺان جريان خون ٿئي ٿو ۽ بدن تي ڳاڙهي رنگ جا داغ پئجي وڃن ٿا.
**فرقعہ:** آڱرين مان ٺڪاءُ ڪڍڻ
**فرمہ:** عورت جو قابض دوائن سان پنهنجو فرج سوڙهو ڪرڻ.

**فريسموس:** هڪ مرض جنهن جي سبب آلت هروقت انگيز ۾ رهي ٿي ليڪن مريض کي جماع جي خواهش ڪانہ هوندي آهي. فريسموس دراصل يوناني ٻوليءَ ۾ هڪ بت جو نالو آهي جنهن جي آلت کي انگيز جي حالت ۾ ڏيکاريو ويندو هو. ساڳيءَ ريت رومر وارا بہ اهڙو بت ٺاهيندا هئا ۽ شادي جي موقعي تي ان کي وندر بڻائيندا هئا. اهڙي ئي نموني هندو شوجو لنگ ٺاهين ٿا جنهن جي پوڄا ڪئي ويندي آهي. انهيءَ مناسبت سان هن مرض تي اهو نالو پئجي ويو آهي.
**فزع الصبيان:** ٻيهڙو ٻارائي بيماري
**فصل خريف:** خزان جي موسم هيءَ موسم گرميءَ کان پوءِ سردي کان اڳ اچي ٿي يعني آگسٽ، سيپٽمبر آڪٽوبر- هن موسم ايندي ڪن ملڪن ۾ وڻن جا پن ڇڻڻ لڳندا آهن ان ڪري ان کي خزان جي موسم چون ٿا ليڪن سنڌي ڪنڌ ڀارت پاڪستان ۾ هن موسم دوران بارش پوي ٿي ۽ وڻ ٽڻ ساوا ٿي وڃن ٿا.
جيڪڏهن موسمي هوائون گهليون

۽ بارش نيڪ نموني پئي تہ موسم بہ خوشگوار رهندي جيڪا بهار جي ڏک پئي ڏيندي پر جي بارش نہ پئي تہ اها موسم سيني موسمن کان ردي موسم هوندي هتي انهي موسم جا ڏينهن ١٥ جولاءِ کان ١٥- آگسٽ تائين هوندا آهن ۽ ان جو مزاج گرم تر هوندو آهي. گرمي ۽ رطوبت سبب پاڇيون ۽ ٻوٽا نستا ٿي پوندا آهن ۽ هوا ۾ اعتدال (هڪ ڪرائي) نہ هئڻ ڪري بخارات (ٻاڦ وغيره) ردي ٿي پون ٿا ۽ پاڻي ۾ بہ ڪثافت اچي وڃي ٿي، جنهن ڪري هن موسم ۾ ڦٽن ڦرڙين دستن سوري ٻاهي ۽ خاص ڪري وبائي حالتن ۽ موسمي بخار جي بيگهي مچي ٿي.

**فصل ربيع:** بهار جي موسم. هيءَ موسم سردين کان پوءِ گرمين کان اڳ ۾ اچي ٿي. فيبروري مارچ اپريل هن جا ڏينهن آهن. جيڪي نهايت وڻندڙ ۽ وسن جهڙا ٿين ٿا. انهن ۾ نہ تہ گهڻي گرمي ٿئي ٿي نہ وري گهڻي سردي هوندي آهي ۽ وڻ ٻوٽا بہ تازا توانا ٿي پوندا آهن. انهيءَ ڪري ان کي بهار جي موسم سڏيو وڃي ٿو. هن موسم جو مزاج گرم تر ليکيو وڃي ٿو ۽ هن موسم هلندي ماتا تورڙي خسري (لاڪڙي وغيره) پکڙجڻ جو خطرو رهي ٿو.

**فصل شتاء:** سرديءَ جي موسم. هن موسم جا ڏينهن نومبر ڊسمبر جنوري تائين ٿين ٿا هن موسم جو مزاج سردتر هوندو آهي هن ۾ نزلو زڪام ڪنگهہ، نمونيا ۽ سنڌن جو سور پيدا ٿئي ٿو.

**فصل سيف:** گرميءَ جي موسم. هن جا ڏينهن مئي جون جولاءِ هوندا آهن، ۽ هن موسم جو مزاج گرم خشڪ ٿئي ٿو. هن ۾ گرمي گهڻي ٿئي ٿي. جهولا لڳن ٿا تنهن ڪري لڪ لڳڻ اوسي جي بيماري ٿيڻ جو انديشو رهي ٿو ان کانسواءِ مٿي جو سور، خفقان سرسام، صفراوري بخار ۽ مدي جو تپ وغيره منهن ڪڍي ٿو.

**فضل:** زبان ۽ ڏندن جو مير

**فضلہ:** اهي رطوبتون جيڪي بدن جي لاءِ بيڪار هجن جهڙوڪ پيشاب پاخانو ۽ پگهر. جن کي طبيعت خارج ڪري ڇڏي ٿي.

**فعل:** ڪم ڪرڻ. فعل ۽ عمل

يعني جنهن جي ذريعي انسان ۽ حيوان "افعال" تي قادر هجن.
**قوت آخذه:** دل جي قوت
**قوت باصره:** ڏسڻ جي قوت
**قوت باعثه:** اها قوت جيڪا چرڻ ُپرڻ (حرڪت) جو باعث ٿئي ٿي.
**قوت جاذبه:** جذب ڪرڻ واري قوت
**قوت حافظه:** يادگيري واري قوت اها قوت جا واهمه واري قوت جي ادراڪ ڪيل معنائن کي محفوظ رکي ٿي
يعني هيءَ اها قوت آهي جنهن ۾ ڳالهيون محفوظ رهن ٿيون ۽ وقت اچڻ تي ازخود (پاڻ واٽي) ياد اچي ٿيون وڃن.
**قوت حس مشترڪه:** هيءَ دماغ جي اندروني قوتن مان پهرين قوت آهي جنهن ۾ پنجن حواسن - باصره، (ڏسڻ) سامعه (ٻڌڻ) شامه (سنگهڻ) ذائقه (چکڻ) ۽ لامسه (ڇُهڻ) جي سُڌ پوي ٿي.
**قوت حيات:** زندگي جي قوت. اها قوت جنهن سان انسان جي سيني عضون ۾ زندگي قائم رهي ٿي ن جو اصل ماڳ دل آهي. جتان هيءَ شريانن ۾ سيني عضون تائين پهچي انهن کي زنده رکي ٿي.
**قوت دافعه:** دفع ڪرڻ واري قوت يعني اها قوت جيڪا بدن مان فضلا (گند بلا) دفع يا خارج ڪري ٿي.
**قوت ذاتيه:** ذاتي قوت، جيڪا عارضي نه هجي
**قوت ذائقه:** چکڻ جي قوت هيءَ قوت زبان جي پني ۾ موجود رهي ٿي.
**قوت سامعه:** ٻڌڻ جي قوت هيءَ قوت ڪن جي أن پٺي (عصب. سامع) ۾ رهي ٿي جو ڪن جي سوراخ تائين پکڙيل رهي ٿو. هن جو ڪم آوازن کي محسوس ۽ معلوم ڪرڻ آهي.
**قوت شافيه:** اها قوت جيڪا بيمارين کان شفا ڏياري ٿي يا مرض جو ازالو ۽ بچاءُ ٿي ڪري.
**قوت شاميه:** سنگهڻ جي قوت هيءَ قوت نڪ اندر سنگهڻ وارن پٺن ۾ رهي ٿي.
جٺن اسان هوا جي ذريعي ڪجهه ٻڌون ٿا تئن هوا جي وسيلي سنگهندا آهيون جهڙوڪ خوشبو يا بدبو وغيره. جنهن جا ذرا هوا ۾ مليل هوندا آهن.
**قوت شوقيه:** قوت محرڪ جو

هڪ قسم- اها قوت جيڪا حرڪت (چُرڻ پرڻ) جو شوق يا ارادو پيدا ڪري ٿي. هن جا ٻه قسم آهن.

(١) قوت شهوانيه (٢) قوت غضبيه قوت شهوانيه اها آهي جيڪا نفعي جي طلب لاءِ تحرڪ ۾ اچي ٿي، ۽ قوت غضبيه ان کي چئجي ٿو جيڪا نقصان دفع ڪرڻ لاءِ چرپر ۾ اچي ٿي.

**قوت شهوانيه:** هيءَ قوت، شوقيه يا محرڪه جو هڪ قسم آهي جيڪا ڪنهن فائديمند مقصد لاءِ تحرڪ ۾ اچي ٿي.

**قوت طبعيه:** طبعي قوت. جگر جي قوت. يا پرورش واري قوت. هي جگر جي قوت آهي جيڪا وريدن وسيلي سيني عضون ۾ وڃي ٿي ۽ بدن جي واڌ ويجهه ڪري ٿي، يعني انهي قوت ذريعي سڄي بدن کي غذا ملي ٿي ۽ ان جي پرورش ٿيندي رهي ٿي. هن قوت جو وڏيڪ ڪم هي به آهي نسل جي بقا لاءِ پاڻ پاڇپتوڙي ٿي، اهو ڪم ٻن قسمن جو آهي
(ا) بدن کي غذا پهچائڻ ۽ وڌائڻ
(٢) نسل جي واڌ ڪرڻ يعني نسل وڌائڻ.

هن قوت جو پهريون فعل جگر سان ۽ ٻيو فعل خصين سان تعلق رکي ٿو. هن قوت جا ڪل چار قسم آهن: (١) قوت غاذيه جا بدن ۾ غذا رسائي ٿي. (٢) قوت ناميه جيڪا عضون کي واڌائي ٿي (٣) قوت مولده جيڪا مني جي مادي کي خصين پاسي جذب ڪري ان کي مني ۾ تبديل ڪري ٿي. (٤) قوت مصوره آهي جا رحم (گَپيرڻ) ۾ نطفي (تخم) کي مختلف عضون جون شڪليون عطا ڪندي آهي.

**قوت غاذيه:** اها قوت جيڪا هاضمي جي عمل کانپوءِ غذا کي عضوي جي مطابقت لائق بڻائي ٿي.

**قوت غضبيه:** قوت محرڪه جو هڪ قسم جيڪا نقصان دفع ڪرڻ لاءِ حرڪت ۾ ايندي آهي.

**قوت فاعله:** فعل واري قوت حرڪت (چرپر) ڏيڻ واري قوت. هيءَ قوت جسم جي پٺن کي چرپر ۾ آڻيندي آهي يعني انهن کي سسائي ۽ پکيڙائي ٿي جنهن مان بدن جي سڄي چرپر ظاهر ٿيڻ لڳي ٿي.

**قوت لامسہ:** ڇهڻ جي قوت. هيءَ قوت سڄي بدن جي کل ۾ رهي ٿي ۽ جو ڪم سردي گرمي خشڪي تري سختي نرمي وغيره کي محسوس ۽ معلوم ڪرڻ آهي.

**قوت ماسڪہ:** روڪڻ واري قوت اها قوت جيڪا غذا وغيره کي ڪنهن خاص وقت تائين روڪيندي آهي. انهي قوت سان غذا معدي ۽ آندن ۾ اچي ڪيترو وقت ترسي پوي ٿي.

**قوت متخيلہ:** ويچارڻ واري قوت هن لاءِ ڏسو قوت متصرفہ

**قوت متصرفہ:** تصرف ڪرڻ ۽ سوچڻ واري قوت. اها قوت جيڪا صورت ۽ معنيٰ ۾ تصرف ڪري ٿي. هيءَ قوت عام معنيٰ ۽ ڪلي مفهوم ۾ ڦيرگهير ڪري ان کي نفس ناطقہ وٽ نئي ٿي.

اهڙيءَ ريت اها قوت دماغ ۾ تحفظ تيل شڪل صورت ۽ ڳالهين ۾ پوءِ اهي خيال جون هجن يا حافظي جون انهن ۾ تصرف يا ڦيرگهير ڪندي آهي. مثال طور: هي ڪنهن سهڻي شڪل ۾ ڦيرگهير ڪري ان کي بڇڙو روپ ڏئي ٿي سگهي يا وري بڇڙي روپ کي سنواري ڏيکاري سگهي ٿي.

ائين دوست کي دشمن يا دشمن کي دوست بڻائڻ جو ڍنگ ۽ ڍونگ ڪري چاڻي ٿي. اها قوت انسان کان سواءِ ڪنهن ٻي حيوان ۾ نہ آهي.

**قوت متفڪره:** فڪر ڪرڻ، سوچڻ واري قوت. ڏسو متصرفہ.

**قوت محرڪہ:** چرپر (حرڪت) ڏيارڻ واري قوت يعني اها قوت جيڪا نفعي جي طلب يا نقصان کان بچاءَ ڪرڻ لاءِ بدن کي چرپر ۾ آڻيندي آهي. هن جا ٻہ قسم آهن (١) قوت شوقيہ يا قوت باعثہ جيڪا يا تہ حرڪت (چرپر) جو شوق پيدا ڪري ٿي يا وري چرپر (حرڪت) جو باعث ٿي بڻجي. (٢) قوت فاعلہ جيڪا بدن يا ان جي ڪنهن حصي کي چرپر ۾ آڻي ٿي.

**قوت مدبره:** تدبير ڪرڻ واري قوت. هن قوت کي، طبيعت ڪوٺيو وڃي ٿو جيڪا بدن جي اصلاح ۾ تدبير ڪندي رهي ٿي.

**قوت مدرڪہ:** ادراڪ ڪرڻ واري قوت، احساس ڪرڻ واري قوت، معلوم ڪرڻ واري قوت، دريافت

ڪرڻ واري قوت. هن جا وري ٻه قسم آهن: (١) قوت مدرڪه ظاهره يا حواس خمسه ظاهره يعني پنج ظاهري حواس جيڪي دماغ کان ٻاهر واقع آهن. جهڙوڪ: سامعه، باصره، شامه، ذائقه ۽ لامسه جيئن مٿي بيان ڪيو ويو. (٢) قوت مدرڪه باطنه. يا حواس خمسه باطنه. يعني پنج باطني حواس جيڪي دماغ جي اندر آهن جهڙوڪ: حس مشترڪه، خيال، متصرفه، واهمه ۽ حافظه. انهن جو به پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ذڪر ٿي چڪو آهي. ان نموني تي انسان پنهنجي ارسي پاسي وارين (موجودات ۽ واقعات) کي انهن جي ماهيت ۽ حقيقت کي بلڪ خود پنهنجي هستيءَ کي انهن جي ذريعي محسوس ۽ معلوم ڪري سگهي ٿو، ٻي حالت ۾ حواس جي مدد کان سواءِ ڪيس ڪابه پروڙ نٿي پئجي سگهجي.

**قوت مصوره:** شڪل صورت ٺاهڻ واري قوت.
اها قوت جيڪا عضون کي پنهنجي نوعيت جي تقاضا مطابق صورتون ۽ شڪليون عطا ڪري ٿي. يعني انهن جي محابي منيءَ ۾ ٻار جي شڪل صورت پيدا ٿيندي آهي، اها قوت "رحم" (ڳيرڻ) ۾ رهي ٿي.

**قوت مغيره:** ڦيرگهير (تغير) پيدا ڪرڻ واري قوت. اها قوت جيڪا غذا کي بدن جو جزو ٿيڻ جي لائق بڻائي ٿي. يعني اهائي قوت، غذا کي نئين حالت ۾ آڻڻ کان پوءِ عضوي جي ساخت ۾ تبديل ڪندي آهي.

**قوت مولده:** پيدا ڪرڻ واري قوت پهريان ڦيرگهير واري قوت، يعني اها قوت جيڪا غذا کي هضم ڪرائڻ کان پوءِ عضوي جي ساخت ۾ ملائي يا ٻي قوت جيڪا مني پيدا ڪري ان کي صورت جي قبوليت لاءِ تيار ڪري ٿي، جيئن ته مني خصين ۾ پيدا ٿئي ٿي ان ڪري اها قُوت به خصين ۾ رهي ٿي.

**قوت ناميه:** پرورش واري قوت.
اها قوت واڌ ويجهه واري قوت سڏجي ٿي ان کي جسم جي واڌ واري قوت ۽ عضون کي وڌائڻ جي قوت ڪونجي ٿو.

**قوت نطقيہ:** ڳالهائڻ واري قوت. عقل ادراڪ واري قوت، هي قوت انسان سان مخصوص آهي.
**قوت نفسانيہ:** نفساني قوت اها قوت جنهن ڪان بدن ۾ حس ۽ حرڪت پيدا ٿئي ٿي.
هن قوت جو تعلق دماغ سان هوندو آهي يعني اهوئي هن جو ماڳ مڪان آهي جيڪو اعصاب (پٺن) وسيلي حس ۽ حرڪت جي قوتن کي بدن اندر پهچائي ٿو.
انهي قوت جا ٻہ قسم آهن هڪ محرڪ يعني حرڪت ڏيڻ واري ٻي مدرڪ يعني ادراڪ ڪرڻ واري.
قوت محرڪہ ڪان بدن کي حرڪت حاصل ٿئي ٿي ۽ قوت مدرڪہ مان ادراڪ، احساس پيدا ٿئي ٿو.
اهڙيءَ طرح حواس خمسہ ظاهري توڙي باطني سڀ انهي جا ماتحت ٿين ٿا.
**قوت واهمہ:** اها قوت جيڪا صحيح نموني انهن شين جو ادراڪ ڪري ٿي جيڪي ٻاهرين حواسن ذريعي دريافت ڪري نہ ٿيون سگهجن. مثال طور محبت عداوت وغيره.
**نوٽ:** قوت واهمہ انهن حقيقتن (معاني) جو ادراڪ ڪندي آهن جن جو لاڳاپو صورتن سان رهي ٿو. صورتون انهن شين کي چئجي ٿو جيڪي حواس خمسہ ظاهري يعني ڏسڻ، ٻڌڻ، سنگهڻ، چکڻ ۽ ڇهڻ سان دريافت ٿين ٿيون.
ليڪن جيستائين ڪا صورت ٻاهرين حواسن ڪان دماغ تائين پهچي تيستائين قوت واهمہ ڪُجهہ بہ دريافت ڪري نٿي سگهي. ڇا لاءِ تہ جيستائين ڪا شڪل دماغ تائين نٿي پهچي ان حالت ۾ اهو ممڪن ناهي تہ دوستي يا دشمني سمجهہ ۾ اچي.
ان قوت جو ماڳ دماغ جو وچون حصو (وچاڳ) آهي ۽ قوت حافظہ کي ان جو خزانو يا ڪاڻ سڏيو وڃي ٿو.
**قوت هاضمہ:** هاضمي جي قوت. غذا کي هضم ڪرڻ واري قوت.
**قوح:** ڦٽ جو پونءِ سان ڀرجڻ.
**قولنج:** آندن جو سور. ويلو (قنترول) هي وڏن ۽ ٿلهن آندن خاص ڪري روده قولون ۾ سُدي پوڻ يا ان ۾ غليظ ريح ڦاسڻ سبب پيدا ٿئي ٿو. هن ۾ مريض کي پاخانو نٿو اچي ۽ هو سور

جي مٿان هيٺين تصوير جاچڻ سان
ڪائنات جي تخليق، حيوانات جي
تخليق ۽ نباتات جي تخليق کان پوءِ
علم ۽ سڃاڻپ ۾ هنر جي
نشاندهي ملي ٿي.
جمادات جنهن ته گهڻو پوءِ جي
دريافت هئي اُن ڪري ان جو ڪو
پاڙيتو نه ڏنو ويو آهي مذڪوره
مهر جا نشان هن ريت آهن.

هتي مهر جي پهرين نشان ۾
ڪائنات زمين آسمان ۽ مٿان "ا"
خدا ڄاڻايل آهي. ٻئي نشان ۾
انسان، حيوان ۽ ٻين سهدارن جي
تخليق جو نشان ته ٽين ۾ وري
نباتات ڏٺ ٻوٽن جي پيدا ٿيڻ جو
نشان ملي ٿو. ان کان پوءِ ڦرهي
ڏنل آهي جا علم جي نشاندهي
ڪري ٿي- علم کان پوءِ ڦيٿو اچي
ٿو جيڪو هنر جو نيشان آهي
جنهن مان آڳاٽا سائنسي اهڃاڻ
اجاگر ٿين ٿا.
**نوٽ:** سنڌ جي طبي تاريخ ۾
موهن جي دڙي جو ذڪر ڪندي
مون اتان جي هڪ مهر جي حوالي
سان ٻن بيمارين جي نشاندهي
ڪئي آهي.
ڏسو سنڌ جي طبي تاريخ جلد
پهريون ص٦٦- مرتب

**ڪباد:** عرف عام مطابق جگر
جو درد طبي اصطلاح موجب هڪ
بيماري آهي جنهن وگهي جگر جي
رڳن ۾ غليظ رطوبت چنبڙي پوي
ٿي جنهن کان مريض کي جگر جي
هنڌ ڳراڻ معلوم ٿيندي آهي ۽
هضم ڪبدي وقت مريض کي
سور محسوس ٿيڻ لڳي ٿو ۽ ڪيس
اُڃ بلڪل نٿي لڳي.
**ڪثرت:** زيادتي- گهڻائي.
**ڪثرت اسقاط:** بار بار حمل
جو ڪرڻ.
**ڪثرت اڪل:** کاڌي جي حد کان
وڌيڪ خواهش جنهن ڪري مريض
هرشيءِ هڙپ ڪيو ڇڏي.
**ڪثرت بول:** پيشاب جي گهڻائي
**ڪثرت الطرف:** گهڙي گهڙي
اک چنبڻ
**ڪثرت الطمث:** حيض جي گهڻائي
**ڪثرت عرق:** پگهر جي گهڻائي
**ڪثرت اللبن:** ٿڃ جي گهڻائي
**ڪثرت اللعاب:** گهڻو ٿڪڻ هڪ
مرض جنهن ۾ ماڻهو کي ٿڪ

**ڪي بالقوة البرقيہ:** اجڪلهہ برقي قوت ذريعي بدن جي ڪنهن عضوي کي داغ ڏئي بيماريءَ جو علاج ڪيو وڃي ٿو.

**ڪيفيت:** اها حالت جيڪا بذات خود ڪابہ تقسيم قبول نہ ڪري، هن جا ڪيترائي قسم ٿيندا آهن.

**ڪيہِ:** عورت جي فرج جو اندريون ماس يا گوشت.

# ل

**لاذع:** خارش پيدا ڪرڻ واري دوا جيڪا پنهنجي تيزي ۽ گرمي جي اثر کان عضوي ۾ سوزش ۽ خارش پيدا ڪري ٿي.

**لارق:** چنبڙي پوندڙ شيءِ.

**لباس:** پوشاڪ. جيڪا پنهنجي نوعيت کان بدن ۽ شخصيت تي اثرانداز ٿئي ٿي.

**لذت:** ڪنهن سني شيءِ جي احساس مان لطف وٺڻ.

**لعاب الشمس:** اها شيءِ جيڪا ڪڙڪندڙ اُس بہ ڪوريئڙي جي تار وانگي مٿان کان هيٺ لهندي نظر ايندي آهي.

**لقوہ:** وات جو ٽيڙو ٿي پوڻ. هڪ بيماري آهي جيڪا منهن جي پٺن ۾ پيدا ٿي وات کي ٽيڙو ڪري ڇڏي ٿي.

هن ۾ وات کان گگ ڳڙڻ لڳندي آهي ۽ نراڙ جي کل ڇڪجي وڃي ٿي. جنهن ڪري هڪڙي اک چڱيءَ طرح بند نہ ٿي سگهندي آهي، ۽ مريض جا چپ بہ هڪ ٻي سان نہ ملي سگهندا آهن.

لقوي جي لغوي معنيٰ عقاب (پکي) آهي جنهن جون واڇان ويڪريون ٿين ٿيون ۽ سندس ڪنڌ هڪ پاسي لڙيل هوندو آهي انهيءَ تان لقوي تي اهو نالو پيو جنهن کي سنڌي ۾ واڇ ڦرڻ چيو وڃي ٿو.

**لڪنت:** ٻاتاڻ.

**ليثرغس:** سرسام بلغمي دماغ يا ان جي پردي جي بلغمي سوج

# م

**ماده:** خلط ردي جيڪو پنهنجي اصلي طبيعت کان بدلجي ريو هجي ۽ بدن ۾ فتور پيدا ڪري.

**ماده توليد:** پيدائش وارو مادو يعني ذات يا مَني.

**مادي:** مادي بيماري يعني اها بيماري جا خلط جي ڦيرگهير يا ريح کان پيدا ٿئي. هي ساڌج جو ضد آهي جيڪا مادي کان سواء صرف گرمي سردي جي ڪري پيدا ٿئي ٿي.

**ماساريقا:** سنهيون رڳون. جيڪي معدي جي هيناهين کان آنڊن ڏانهن ورن ٿيون.

**ماشرا:** ورم دموي ۽ صفراوي يعني اها سوڄ جا خون ۽ صفرا ٻنهي کان مرڪب هجي پوء اها کهڙي به هنڌ واقع ٿئي. هي منهن تي پيدا ٿيندي آهي جنهن ڪري سڄو منهن ٿوٿريل نظر ايندو آهي.

**ماليخوليا:** چريائپ. هن ڪي سوداوي جنون دماغ جي فعل جو وهم وسواس سودا ۽ خام خيالي جو مرض سڏجي ٿو. هن ۾ مريض جا خيال خراب ۽ پريشان ٿيندا آهن ۽ هو وهمي، وسواسي ٿي پوندو آهي.

**مانيا:** وحشت ۽ درندگيء وارو جنون. هن ۾ مهرجڻ سان گڏ ايذاء پهچائڻ جي خصلت ٿئي ٿي.

**ماهيت:** حقيقت، اصليت.

**مجاري النفس:** ساهه جون ناليون

**مجامعت:** جماع ڪرڻ.

**مجذوم:** ڪوڙهه جو مريض

**مخدوم:** اهي عضوا جن جي چيٺ يعني خدمت ٻيا عضوا ڪندا آهن جهڙوڪ دماغ جنهن جي خدمت ۾ اعصاب پَٺا رُڌل رهن ٿا. دل جنهن جي چيٺ شريانون ڪن ٿيون.

**مخشق:** تپدق جو ٽيون درجو جنهن ۾ مريض سڪي ڪندا ٿي وڃي ٿو. ڦڦڙن ۾ ڪوٻا پئجي ٿا وڃن ۽ صبح جي وقت کنگهه زور وٺي ٿي جنهن ۾ گهڻو بلغم نڪري ٿو. اهو بلغم پونء گاڏڙ هوندو آهي. رات جو مريض کي تيز بخار اچي ٿو ۽ صبح تي کيس جام پگهر اچڻ لڳي ٿو آخر مريض دستن ۾ ولجي ٿو وڃي سندس همٿ پيرسجي ٿا پون- نيٺ نهايت ضعيف حالت ۾ پنهنجا پساهه پورا ڪري ٿو چڏي.

**مذي:** سفيد ۽ لعابدار رطوبت. هيء شهوت جي رقت يا شهواني خيالن جي اچڻ ڪري پيشاب جي ناليء مان نڪرڻ لڳي ٿي ان ڪري نه جنئين مني جو خارج ٿيڻ سولو ٿي پوي.

خاص ڪري پنن جي بيمارين ۾ مفيد ثابت ٿئي ٿو.
ننڍي ڪنڌ ۾ ڪي پهلوان يا خاص ماڻهو هن طريقہ علاج جا ماهر هوندا آهن. علاج جو اهو طريقو يورپ ۾ بہ رائج ٿيندو پيو وڃي ۽ اتي ڪيترن نمونن سان هي علاج هلي رهيو آهي.
هن ۾ ڪڏهن چڙي مالش تہ ڪڏهن پاڻيءَ جي ڌار يا پاڻيءَ جي ٻاڦ يا بجلي وسيلي علاج ڪرڻ ۾ اچي ٿو.
**معالج بالماء:** پاڻي ذريعي علاج ڪرڻ.
هن کي آبي علاج بہ چيو وڃي ٿو. هن قسم جو علاج صرف پاڻيءَ جي اندرين ٻاهرين استعمال سان سيني بيمارين جو علاج ڪيو ويندو آهي.
هي علاج قديم يوناني رومي توڙي عربي طبيبن کي معلو هو- بقراط انهيءَ طريقي علاج بابت هڪ رسالو لکيو هو. فرانس ۽ جرمني جي طبيبن بہ ان پاسي چڱو توجهہ ڏنو آهي. آمريڪا جي طبيبن تہ علاج بالماء کي هڪ ترقي يافتہ مستقل فن جو درجو ڏنو آهي. اهڙي طرح برطانيہ ۾ بہ انهي طريقي علاج جو رواج روز بروز وڌندو پيو وڃي.
انهيءَ علاج وسيلي مريض جي جسم تي اسپنج ڪرڻ يا تيز بخار ۾ مريض کي سردغسل ڏيڻ يا ڪيس پاڻي مان پُسيل چادر ويڙهائڻ يا سنڌن جي مرضن ۾ گرم غسل ڏيڻ يا ڪن اثر ۾ آيل عضون تي پاڻيءَ جي ڌار وهائڻ خاص ڪري هذيان ۽ سرسام ۾ مٿي تي ٿڌو پاڻي وجهڻ يا آلو ڪپڙو مٿان رکڻ اهي سڀ طريقا علاج بالماء ۾ شامل آهن.
**علاج باليد:** دستي علاج. يعني هٿ سان علاج ڪرڻ هن علاج ذريعي پٺن ۽ رڳن کي پنهنجي هنڌان ٽڙي وڃڻ جي حالت ۾ وري درست ڪيو وڃي ٿو. هرنيا چڪي جي آزار ۽ ڳيرڻ توڙي ڳهڻ جو علاج بہ ائين ڪرڻ ۾ اچي ٿو.
**معدل الحرارت:** حرارت کي اعتدال تي رکندڙ.
طبي اصطلاح موجب دماغ جي مٿين سطح ۾ هڪ مرڪز آهي جيڪو جسم اندر حرارت جي

پيدا ۽ خارج ٿيڻ کي اعتدال (هڪ ڪرائي تي قائم رکي ٿو. انساني جسم ۾ حرارت جي پيدائش اخراج جو هڪ اهڙو طبعي، مناسب انتظام آهي جنهن جي ڪري جسم جي حرارت هڪ ئي حالت تي قائم رهي ٿي ان کي طب ۾ حرارت غريزي ڪوٺيو وڃي ٿو. جسم ۾ اها حرارت عضلات جي افعال مان پيدا ٿئي ٿي جا کل ۽ ساهه کڻڻ وسيلي جسم مان خارج ٿيندي رهندي آهي.

**ملاريا:** مليريا- موسمي تپ. اطالوي لغت موجب مليريا جي معنيٰ خراب يا گدلي هوا آهي ۽ طبيبن جو اهو خيال هو ته مليريا هڪ زهريلي هوا ٿئي ٿي، ليڪن جديد تحقيقات مطابق مليريا هڪ خونخوار جيت آهي جو انافيلس نالي مڇر جي ڏنگڻ سان انسان جي جسم ۾ داخل ٿي سندس رت ۾ رهڻ لڳي ٿو. مليريا هڪ متعدي مرض آهي جو رت ۾ مليريا جي جراثيم جي موجودگيءَ سبب پيدا ٿئي ٿو.

بدن ۾ بُخار جو هجڻ تري ۽ جگر جو وڏڻ اهي هن جون خاص نشانيون ٿين ٿيون جن سان گڏ ڪمزوري ۽ ڪمزوري به ٿئي ٿي.

**مليريا جي تاريخ:** مليريا ڪا نئين شيءِ ناهي بلڪ اها آڳاٽي دور کان انسان ذات لاءِ خونخوار دشمن ٿي رهندي اچي ٿي. بقراط ولادت ۴۶۰ ق- م ۽ رومي حڪيم ڪلسوس ولادت ۲۵ ق- م. حڪيم جا ليناوس وغيره پنهنجي لکڻين ۾ مليريا جي بخارن جو بيان ڪيو آهي.

هيءَ موذي بيماري دنيا جي سيني حصن ۾ هلندي پئي اچي.

اٽلي جي هارين نارين جو گهڻي عرصي کان اهو خيال هو ته جڏهن پاڻ پوکن ۽ گپ چڪ وارين زمينن ۾ وڃندا هئا ته انهي هڪ خاص قسم جي مڇر جي ڏنگڻ سان ڪين بخار ٿي پوندو هو. اهڙيءَ طرح افريقا جي ڪن علائقن ۾ به انهي قسم جي مڇرجي ڏنگڻ ڪري پيدا ٿيندڙ بخار جي ماڻهن کي خبرچار هئي. آخرڪار ۱۸۸۰ع ڌاري ڊاڪٽر ليورن مليريا جا جراثيم دريافت ڪيا، اڳتي هلي ۱۸۹۵ع ۾ ڊاڪٽر راس وري اها ڄڻهارت پڪي ته هڪ

خاص قسم جو مڇر انهيءَ جراثيم کي انساني جسم اندر داخل ڪري ٿو.

**مليريا جو بخار:** هي بخار علامتن جي لحاظ کان ٻن گروهن ۾ ورهايل آهي (١) نوبتي بخار (٢) لازمي بخار، نوبتي بخار جا وري ٽي قسم ٿين ٿا. (الف) روزانو بخار، سيءَ تپ سان بخار يا نوبتي (واري) جو بخار جنهن جو دورو چوويهن ڪلاڪن کان پوءِ هلندو آهي.

(ب) ٽيئڙ بخار جنهن جو دورو اٺيتاليهن ڪلاڪن کان پوءِ هلي ٿو (ج) چوٿڙ بخار. هن جي دوري جي چوٿين ڏينهن تي شروعات ٿئي ٿي. اهڙيءَ ريت روزانو بخار ايڪڙ. واري جو بخار ٻيئڙ- ٽيئڙ ۽ چوٿڙ بخار ڪري ليکجي ٿو.

**ملال:** تپ جي گرمي. ٻاهوڙ تپ جو پکهر

**ملين:** قبض ڪشا، پيٽ کي نرم ڪندڙ دوا

**مُمسڪ:** جهل، ٻنڌيج ۽ جٺاءِ پيدا ڪندڙ دوا

**مُمغل:** اها زال جيڪا هرسال ٻار ڄڻي ۽ پهرين ٻار جي ٿڃ ڇڏائڻ کان اڳ پيٽ سان ٿي وڃي.

**مميزه:** ٻن شين ۾ فرق ڪرڻ واري قوت يعني اِها قوت جيڪا چڱي مَني شيءِ ۾ تفاوت ڪري.

**منضج:** پچائڻ واري دوا. اها دوا جيڪا مادي کي پڪو ڪري خارج ڪرڻ لائق ٿي بڻائي.

**مَني:** پُٺ جو پاڻي. چمڻ وارو مادو يا نطفو- ڦڙو.

مرد جي مني هڪ اڇي گهاٽي ۽ لڳ لڳ واري رطوبت ٿئي ٿي. جنهن مان خاص قسم جي بوءِ ايندي آهي، مني ٻنهي خصين مان پيدا ٿي خاص ٿيلهيءَ ۾ رجي گڏ ٿئي ٿي، جتان جماع (عورت مرد جي ميلاپ) يا ڪنهن ٻي حرڪت سبب جهڙوڪ احتلام، اغلام وغيره ذريعي خارج ٿيندي آهي. عورت مرد جي ميلاپ کان پوءِ مني نسل وڌائڻ جو باعث ٿيندي آهي.

مني جي ترڪيب ۾ ٽن قسمن جا جزا شامل هوندا آهن. (١) مني جو پاڻي جيڪو آني جي اڇاڻ جهڙو شفاف ۽ لعابدار ٿئي ٿو (٢) منيءَ جا داڻا جيڪي تمام سنهڙا ٿين ٿا، انهن مان مني جا

سڏيس ٿا ۽ جنهن ني منيءَ جو ڪيٽون آنيءَ اندر پوي ٿو ته ان مان هڪ سنهي پردي پيدا ٿي سوراخ بند ڪري ٿي ڇڏي جنهن منيءَ جو ٻيو ڪيٽون آنيءَ ۾ داخل نه ٿي سگهي. پر جيڪڏهن اتفاق سان ٻيو ڪيٽون اندر ويو ته عجيب قسم جي خلقت وارو ٻچو پيدا ٿي پوندو جنهن جا ڪڏهن به مٿا ۽ چار اکيون ته ڪڏهن ڪا ٻي ديجارٽي شڪل هوندي آهي.

منيءَ جي ڪيٽن ۽ عورت جي آني ۾ جيڪي نقطا (ٽيڪڙا) ٿين ٿا تن جي ذريعي ٻيءُ ماءُ جون خوبيون ۽ خصلتون (صورت توڙي سيرت) جو ٻار تي اثر پوي ٿو. گويا (جڻ) اهيئي ٽيڪڙا يا نقطا پيءُ ماءُ پاران موروثي خوبين ۽ خصلتن جو بنياد هوندا آهن.

انهيءَ سچي حقيقت مان ظاهر ٿئي ٿو ته مرد ۽ عورت جي خالص مني ۽ آني مان ئي ٻار جي پيدائش ٿئي ٿي، ٻي صورت ۾ جيڪڏهن ڪنهن به هڪ پاسي مرد جي مني يا عورت جي آني ۾ ڪو فرق يا نقص ٿي پيو ته ٻار جي پيدائش ناممڪن ٿي پوندي.

ان کان علاوه مرد ۽ عورت جي ڪنهن خطرناڪ ۽ موروثي بيماريءَ جي ڪري به ٻار جي پيدائش جو امڪان نٿو رهي.

جيستائين ڌيءَ يا پٽ جي ڄمڻ جو تعلق آهي ان لاءِ ڪن طبي ڏاهن تجربي ڪارن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن عورت جي آني طاقت واري ۽ مرد جي، مني ڪمزور آهي ته ان مان پٽ ڄمي ٿو پر جي مرد جي مني طاقت واري ۽ عورت جي آني ڪمزور هوندي ته ان مان ڌيءَ ڄمندي آهي.

چون ٿا ته انهيءَ ڪري ئي وڏي ڄمار واري مرد کي اڪثر پٽ ڄمندو آهي جو زال جي آني سندس منيءَ کان وڌيڪ طاقتور ٿئي ٿي-! بهرحال ڪا ڳالهه ضرور آهي جنهن جي تجربي مطابق اها راءِ ٻيڪيءَ طرح دهرائي وڃي ٿي.

مني، مذي ۽ ودي عام طرح خيال ڪيو وڃي ٿو ته مرد جي آلت مان مذي ۽ ودي جو خارج ٿيڻ به ڪا بيماري آهي پر ائين ناهي، ياد رهي ته مذي هڪ خاص رطوبت آهي جيڪا شهوت جي رقت يا

**نارفارسي:** هڪ مرض آهي جنهن ۾ پهريان ڪا ڦرڙي بدن ۾ نڪري ٿي جنهن ۾ پاڻي ۽ رطوبت جي گهٽائي هوندي آهي ان ڦرڙي ۾ سخت سور ۽ سوزش جي شروعات ٿئي ٿي. جتي هيءَ ڦرڙي نڪري ٿي ان هنڌ طائوسي رنگ جا ليڪا ٻاهر جي شملي جنان نمودار ٿين لڳن ٿا، ان کان پوءِ اُتي ڪيئي ننڍيون ڦرڙيون پيدا ٿين ٿيون جن ۾ سخت ساڙو ۽ سخت خارش مچي ٿي. آخر ٿين چوٿين ڏينهن انهن ڦرڙين جي اندروني رطوبت پونءِ ۾ بدلجي ٿي ۽ ڦاٽڻ ڪانپوءِ اها رطوبت ڇهندي وانگي جمي ٿي پوي جنهن جي هينان وري پنري رطوبت پيدا ٿيڻ لڳي ٿي.

انهيءَ رفتار سان اهو مرض وڌندو وڃي ٿو. هي گهڻو ڪري منهن ۽ مٿي جو مرض آهي جيڪو ٻارڙن ۾ وڌيڪ ٿئي ٿو.

**ناصور:** ناسور، پراڻو گهرو زخم جيڪو اندران ويڪرو ۽ ٻاهران سوڙهو ٿئي ٿو، ان جي اندرين پاسي اڇو گوشت جنهن کي بد (بيڙو) گوشت چئجي ٿو، هوندو آهي. ناسور مان سدائين پيلو پاڻي يا پونءِ جو وهڪرو هلندو رهندو آهي ڪڏهن ائين به ٿئي ٿو ته اهو وهڪرو پنهنجو پاڻ بند ٿي وڃي، پر وري وهڻ شروع ڪندو آهي. هي ڪڏهن هڏي تائين به ورڪري وڃي ٿو، ان جو ڪڏهن هڪ منهن ته ڪڏهن ڪئي منهن هوندا آهن.

هي مرض اڪثر اکين، ويهڪ واري هنڌ پرسان يا ڏندن جي پاڙن ۾ ٿئي ٿو، بهرحال هي هڪ موذي مرض ٿئي ٿو جنهن عضوي ۾ لڳو ان کي تباهه ڪري ڇڏيندو.

**نبض:** رڳ جي جنبش.

شريان جو ڦڙڪڻ يعني ان جو سُسي وري ويڪرو ٿي پوڻ.

**نبض بارد:** ٿڌي نبض.

**نبض بطي:** سست نبض

**نبض حار:** گرم نبض

**نبض خالي:** خالي نبض

**نبض دقيق:** گهري نبض

**نبض سريع:** تيز نبض

**نبض صغير:** ننڍي نبض.

**نبض صاب:** سخت نبض

**نبض ضعيف:** هيٺي نبض

**نبض ضيق:** تنگ نبض

**نبض طويل:** ڊگهي نبض
**نبض عظيم:** وڏي نبض
**نبض غليظ:** ٿلهي نبض
**نبض قوي:** طاقتور نبض
**نبض لين:** نرم نبض
**نبض متواتر:** لاڳيتي نبض
**نبض ممتلي:** پربل نبض.
انهن مان هرهڪ نبض پنهنجي رفتار مطابق مرض جي نشاندهي ڪري ٿي.
**نزلہ:** نزلو- ريزش
نزلي ۽ زڪام ۾ هي فرق آهي تہ دماغي فضلا جڏهن نڙيءَ جي پاسي ڪرندا هجن تہ ان کي نزلو سڏيو ويندو پر جيڪڏهن اهي فضلا نڪ جي پاسي ڪرڻ لڳا تہ اهو زڪام ليکجڻ ۾ ايندو.
زڪام ۾ هڪ پتري رطوبت نڪ مان نڪرڻ لڳي ٿي جنهن ۾ سوزش هوندي آهي، نزلي جا ڪيتي نمونا آهن.
**نزلہ بارد: بلغمي:** رطوبت کان پيدا ٿيل نزلو.
**نزلہ حار:** بلغمي ۽ صفراوي خلطن جي ملڻ ڪري پيدا ٿيندڙ نزلو
**نزلہ وبائيہ:** وبائي نزلو
هن قسم جو نزلو وبا طور پکڙندو آهي. جيئن تہ هن سان گڏ بخار ۽ مٿي جي سور جي شڪايت ٿئي ٿي ان ڪري هن کي حميٰ وبائيہ بہ چوندا آهن؛
**نزول الماء:** موتيو پاڻي
**نزول الماء الاخضر:** سائو موتيو پاڻي
**نزيف الاذن:** ڪن مان رت وهڻ
**نزيف الانف:** نڪ مان رت وهڻ
**نزيف دماغي:** دماغي جريان خون (سڪتو) ان ريت هن جا بہ ڪيترا قسم ٿيندا آهن.
**نسيان:** ويسر پولو- ويسارو هن ۾ فڪر جي قوت زائل ٿي ويندي آهي.
**نسيم:** نرم ۽ سرد هوا. جيڪا ڦڦڙن ذريعي خون ۾ شامل ٿي دل ۾ پهچي ٿي ۽ روح حيواني بڻجي سڄي جسم ۾ جان وجهي ٿي ڇڏي.
**نشاط:** سَرهائي، خوشي
**نعاس:** پنڪي. ڄهر
**نعش:** مڙهہ- ميت- لاش
**نفاس:** اهو خون جيڪو عورت کي ويم کان پوءِ پن کان پنجن هفتن تائين ايندو رهي ٿو.
**نفث الدم:** رت ٿُڪڻ. هي ڪيترن سببن ڪري وات مان ٿڪ وانگي ڪنگهڪار يا خالي نموني

ڪابہ شيءِ

**هوا اصفر:** ڪالرا. مشهور ربائي مرض جنهن ۾ الٽيون دست مريض کي نستو ڪري ٿا ڇڏين.

**هوجل:** ننڊ جو خمار

**هوس:** سڌ- ناڪام محبت

**هيام:** عشق جي چريائپ

**هيج:** جوش ۾ اچڻ جنهن مان هيجان ورتل آهي

**هيضہ:** هڪ متعدي مرض جيڪو ربائي طور اوري پري پکڙجي وڃي ٿو.

هن مرض جو ڪارڻ هڪ نهايت ننڍو نباتي، خمدار ڪيڙون آهي جنهن کي ربائي ڪيڙون ڪوٺجي ٿو هن کي جرمنيءَ جي مشهور ڊاڪٽر ڪاخ ١٨٨٣ع ڌاري دريافت ڪيو هو. ڪالرا ساڳي ڳالهہ آهي.

**هيولا:** هر شيءِ جو مادو جيڪا صورت اختيار ڪرڻ جي لائق هجي.

# ي

**يابس:** خشڪ. اها دوا جنهن جو مزاج خشڪ هجي.

**ياره:** زخم، گهاءُ

**ياس:** نااميدي جو زمانو، اهو زمانو جڏهن عورت پوڙهي ٿي ويم کان رهجي وڃي.

**يافوخ:** تارون

مٿي جي مٿاهين حصي جو اهو ماڳ جيڪو ننڍپڻ ۾ پاڻ واٽي هيٺ مٿي ٿيندو رهندو آهي.

**يبس البطن:** قبض، پيٽ جي قبضي.

**يبوست العين:** اکين جي خشڪي

**يرقان:** سانئي، ڪامڻ. هن کي يرقان ۽ ڪنول باؤ بہ ڪوٺيو وڃي ٿو. هي هڪ مشهور بيماري آهي جنهن ۾ بدن جو رنگ پيلو يا ڪارو ٿي پوي ٿو.

**يرقان اسود:** ڪارو ڪامڻ، هن قسم جي يرقان ۾ سڄي بدن جو رنگ ڪارو ٿي پوندو آهي.

اهڙو يرقان تريءَ جي خرابي کان ٿئي ٿو ۽ هي موتمار مرض اڪثر ننڍڙن ٻارن ۾ ٿيندو آهي. هن ۾ بدن جو رنگ نيرو يا ڪارو ٿي پوندو آهي.

**يرقان اصفر:** پيلو يرقان.

هن قسم جي يرقان ۾ سارو بدن اکين سميت پيلو ٿي ويندو آهي.

هي يرقان جگر يا پِتي جي خرابي کان ٿئي ٿو.

**يرقان حمي:** بخار وارو يرقان. هن يرقان ۾ سخت بخار ٿيندو آهي ۽ هي يرقان متعدي ٿئي ٿو.

**يرقان خبيث:** هن يرقان ۾ جگر سسي ننڍو ٿي ويو ٿو. اهڙو يرقان اڪثر ويهن کان چاليهن ورهن جي ڄمار وارين حامله (گورهارين) عورتن کي ٿيندو آهي.

**يرقان سُدي:** هن يرقان وگهي پتي جي نالي ۾ سدو پئجي ويندو آهي.

**يرقان سمي:** هن قسم جي يرقان جو سبب هي آهي ته بدن ۾ ڪن زهرن جي سرايت (وِڙ) ڪرڻ سان پيدا ٿئي ٿو. انهن زهرن ۾ سنکيو، نانگ جي زهر وغيره شامل آهي.

**يرقان متعدي:** هي شديد متعدي بيماري آهي جنهن ۾ يرقان سان گڏ مريض کي بخار ٿئي ٿو ۽ مريض کي بدن ۾ سور هوندو آهي. ان سان گڏ جگر ۽ تريءَ ۾ پڻ واڌ اچي وڃي ٿي. هن جي مدت (مُدو) ڏهن کان پندرهن ڏينهن هوندو آهي.

**يرقان مولودي:** هن قسم جو يرقان ٻارڙن ۾ جيڪي نوان ڄاول هوندا آهن. ڄم کان پوءِ ٻي کان پنجين ڏينهن تائين ٿئي ٿو. جيڪو هڪ هفتي تائين هلندو آهي. اهو يرقان جيڪڏهن خفيف (هلڪو) هوندو ته ازخود لهي ويندو ۽ جيڪڏهن شديد ٿي پيو ته خطرناڪ صورت اختيار ڪندو.

**يفن:** تمام جهور پوڙهو. سنڌ جي اتراهين پاسي جيڪب آباد جي لاڳيتي علائقن ۾ جهور ڪراڙي يا پوڙهي ماڻهوءَ لاءِ هڪ خاص لفظ "يفونگ" ڪتب آندو وڃي ٿو اهو لفظ شايد عربيءَ جي انهيءَ لفظ يفن مان ورتل آهي.

هن ڪتاب جي ترتيب اهڙي نموني رکي وئي آهي جو پڙهندڙن کي هر ٻوليءَ ۾ لکيل ڪنهن ٻه دوا جي نالي جي سوليءَ طرح سنڌ پئجي سگهي ٿي، ان مقصد سان هر هنڌ مختلف اشارا ڏنا ويا آهن.

ڪتاب جي پهرئين ڀاڱي ۾ دوائن جا نالا ۽ ٻئي ۾ بيمارين جا نالا سنڌي نالن سميت ڏنل آهن، جيئن اصل مسودي ۾ هئا. هاڻ اميد آهي ته پڙهندڙن کي ڪا ڏکيائي نه ٿيندي.

**نياز همايوني**

هن علم سان لاڳاپيل حڪيمن، معالجن ۽ طب جي ماهرن وٽ اصطلاحن ۽ لفظن کان علاوه مختلف بيمارين ۽ دوائن لاءِ سنڌي نالن جو هڪ وڏو ذخيرو آهي، جيڪو يا ته سندن سينن ۾ محفوظ آهي، يا سنڌ جي هڪ ننڍي حلقي جي استعمال ۾ چاڻ ۾ آهي. ضروري آهي ته انهن لفظن، اصطلاحن ۽ نالن کي لغت جي شڪل ۾ آڻي محفوظ ڪجي ته جيئن مطالعو ۽ تحقيق ڪندڙن کي هڪ جاءِ تي هي خزانو ميسر ٿيڻ سان گڏ ٻوليءَ جي خزاني ۾ اضافي جو باعث بڻجي سگهي.

اميد آهي ته مختلف علمن جي لغتن ذريعي سنڌي ٻوليءَ جي لفظي خزاني ۾ واڌ ۽ ٻوليءَ جي ترقيءَ ۾ اسان جي هيءَ ڪوشش به اهم ثابت ٿيندي.

**ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو**